4

# کوڙو چور




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# ڪوڙو چور

## درود شريف جي فضيلت

حضرت عبدالله بن سلام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي پاءُ حضرت عثمان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سان ملاقات ڪرڻ ويا تہ اهي ڏاڍا خوش پئي نظر آيا ۽ چوڻ لڳا: مون اج رات خواب ۾ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪيو، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي هڪ ڏول (يعني ٿانوَ) عطا فرمايو جنهن ۾ پاڻي هو، مون پيٽ ڀري پيتو جنهن جي ٿڌاڻ هن وقت تائين محسوس ڪري رهيو آهيان، انهن

پڇيو: اوهان کي اهو مرتبو ڪيئن مليو؟ جواب ڏنو: نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي ڪري. (سعادة الدارين ص 149)

ديدار کی بھیک کب بٹے گی
منگتا ہے امید وار آقا (ذوق نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# 1 ڪوڙو چور

هڪ شخص پنهنجي چاچي جي پٽ (Cousin) جو مال چوري ڪري ورتو، مالڪ چور کي حرم پاڪ ۾ پڪڙي ورتو ۽ چيائين: اهو مال منهنجو آهي. چور چيو: توهان ڪوڙ ڳالهايو ٿا، ان شخص چيو: اهڙي ڳالهه آهي ته تون قسم کڻي ڏيکار! اهو ٻڌي ان چور (ڪعبي شريف جي سامهون) ”مقام ابراهيم“ جي پرسان بيهي قسم کنيو، اهو ڏسي

مال جي مالڪ ”رڪن يماني“ ۽ ”مقام ابراهيم“ جي وچ ۾ بيهي دعا جي لاءِ هٿ کنيا، اجا اهو دعا گهري رهيو هو تہ چور چريو ٿي ويو ۽ اهو مڪي شريف ۾ ائين رڙيون ڪرڻ لڳو: مون کي چا ٿي ويو! ۽ مال کي چا ٿي ويو! مال جي مالڪ کي چا ٿي ويو!! اها خبر الله تعاليٰ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڏي سڳوري حضرت عبدالمطلب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي پهتي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ آيا ۽ اهو مال جمع ڪري جنهن جو هو ان شخص کي ڏئي ڇڏيائون ۽ اهو ان کي کڻي هليا ويا جڏهن تہ اهو چور چرين جيان (پيچندو ۽) رڙيون ڪندو رهيو ايستائين جو هڪ جبل تان ڪري مري ويو ۽ جنگهلي جانور ان کي کائي ويا.

(اخبار مكة للازرقي ج 2 ص 26 ملخصًا)

# چور کي ٻہ نانگ پَٽي ڪري کائيندا

مٺا مٺا مَدَني مُنّو ۽ مدني منيو! نہ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايو نہ ڪڏهن ڪوڙو قسم کڻو ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪنهن جي شيء چورايو ڇوتہ چوري ڪرڻ تي هن دنيا ۾ بہ تباهي آهي ۽ آخرت ۾ بہ تباهي. حضرت مسروق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي: جيڪو شخص چوري يا شراب خوري ۾ مبتلا ٿي مرندو آهي ان تي قبر ۾ بہ نانگ مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪو ان جو گوشت پٽي ڪري کائيندا رهندا آهن.

(شرح الصدور ص 172 ملخصًا)

# 2 ٽيڏي لٺ وارو ڪوڙو چور

اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: مون جهنّم ۾ هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو پنهنجي ٽيڏي لٺ[1] جي ذريعي حاجين جون شيون چوري ڪندو هو، جڏهن ماڻهو ان کي چوري ڪندي ڏسي وٺندا هئا تہ هو چوندو هو: مان چور نہ آهيان اهو سامان منهنجي ٽيڏي لٺ ۾ اٽڪي پيو هو. اهو باھ ۾ پنهنجي ٽيڏي لٺ تي ٽيڪ لڳائي اهو چئي

[1] حديث شريف ۾ هتي لفظ "مِحْجَن" آهي ان جي معنيٰ آهي: يعني اهڙي لٺ جنهن جي ڪناري تي لوھ لڳل هجي ۽ اها هاڪي جيان ٽيڏي هجي.

(اشعة اللمعات ج 3 ص 57)

رهيو: مان ٺيڏي لٺ وارو چور آهيان.

(جمع الجوامع للسيوطي ج 3 ص 27 حديث 7076)

مٺا مٺا مَدَني مُنّو ءِ مدني منيو! اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ نہ اسان ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائينداسين نہ چوري ڪنداسين.

لڳايو ڪوڙ جي خلاف نعرو:

ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نہ ڪوڙ ڳالهائينداسين نہ ڳالهرائينداسين!

اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# 3 ڪوڙ ڳالهائڻ وارن جا ٻار سوئر بڻجي ويا

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ گهڻا ٻار جمع ٿي ويندا هئا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي ٻڌائيندا هئا: توهان جي گهر ۾ فلاڻ فلاڻ شيءِ تيار ٿي آهي ۽ فلاڻ فلاڻ شيءِ کاڌي آهي، فلاڻ فلاڻ شيءِ توهان جي لاءِ بچائي آهي، ٻار گهر وڃي روئندا هئا ۽ گهر وارن کان اهي شيءِ گهرندا هئا، گهر وارا اها شيءِ ڏيندا هئا ۽ انهن کي چوندا هئا توهان کي ڪنهن ٻڌايو؟ ٻار چوندا هئا: (حضرت) عيسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)، تہ ماڻهن پنهنجي ٻارن کي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ اچڻ کان روڪيو ۽ چيائون: اهي جادوگر آهن (معاذالله) انهن وٽ نہ ويهو ۽ هڪ گهر ۾ سيني

ٻارن کي جمع ڪري ڇڏيو. حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ٻارن کي تلاش ڪندي تشريف ڪٺي آيا تہ ماڻهن چيو: اهي هتي نہ آهن. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جن فرمايو: پوءِ هن گهر ۾ ڪير آهن؟ ماڻهن (ڪوڙ ڳالهائيندي) چيو: (هي ٻار نہ آهن) سوئر آهن، فرمايائون: ائين ئي ٿيندو. پوءِ هاڻي جو دروازو کوليو تہ سيئي سوئر هئا. (تفسير خزائن العرفان ص 115 تفسير طبري ج 3 ص 278 ملخصًا)

## ڪوڙو دوزخ ۾ ڪتي جي شڪل ۾....

مٺا مٺا مَدَني مُنّو ۽ مدني منيو! بيشڪ الله تعاليٰ غيب ۽ لڪيل شين جو علم ڄاڻڻ وارو آهي، اهو جنهن کي چاهي ان کي غيب ۽ لڪيل شين جو علم ڏيندو آهي تڏهن تہ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام گهر ۾ لڪايل شين جي باري ۾ ٻارن کي

خبر ڏيندا هئا، انهيءَ حڪايت مان اسان کي اهو بہ درس مليو تہ ڪوڙ ڳالهائڻ نهايت برو آهي، ماڻهن ڪوڙ ڳالهايو تہ گهر ۾ لڪيل انهن جا ٻار (ڪوڙ) جي سبب خنزير (يعني سوئر) بڻجي ويا.

حضرت سيّدنا حاتم اَصَمّ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا تہ اسان کي اها ڳالهہ پهتي آهي: ڪوڙو دوزخ ۾ ڪُتي جي شڪل ۾ بدلجي ويندو ۽ حَاسِد جهنّم ۾ سُوَر جي شڪل ۾ بدلجي ويندو. غيبت ڪرڻ وارو جَهنّم ۾ بَاندر جي شڪل ۾ بدلجي ويندو،

(تَنبِيهُ المُغتَرين ص 194)

لڳايو ڪوڙ جي خلاف نعرو:

ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نہ ڪوڙ ڳالهائينداسين نہ ڳالهرائينداسين!

اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ

# 4 ڪوڙو خواب ٻڌائڻ جو انجام

حضرت امام محمّد بن سيرين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هڪ ماڻهو چيو: مون خواب ڏٺو ته منهنجي هٿ ۾ پاڻي سان ڀريل شيشي جو هڪ پيالو آهي، اهو پيالو ٽٽي ويو آهي پر پاڻي ساڳي طرح موجود آهي، اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ (۽ ڪوڙ نه ڳالهاءِ) ڇو ته تون اهڙو ڪو خواب ناهي ڏٺو، اهو ماڻهو چوڻ لڳو: سبحٰن الله! مان هڪ خواب ٻڌائي رهيو آهيان ۽ اوهان فرمائي رهيا آهيو ته مون خواب ناهي ڏٺو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: بيشڪ اهو ڪوڙ آهي ۽ آءُ انهيءَ ڪوڙ جي انجام جو ذميدار نه آهيان، جيڪڏهن تون واقعي اهو خواب ڏٺو آهي ته تنهنجي گهرواريءَ

هڪ ٻار ڄڻيندي، پوءِ اها مري ويندي ۽ ٻار زنده رهندو، ان کان پوءِ اهو ماڻهو ڄڏهن هليو ويو ته پوءِ چوڻ لڳو: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون اهڙو خواب نہ ڏٺو هو! اهو ٻڌي ڪنهن چيو: پر امام محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خواب جي تعبير بيان فرمائي ڇڏي آهي، اها حڪايت ٻڌائڻ وارا بزرگ حضرت هشام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: انهيءَ واقعي کي وڏيڪ عرصو نہ گذريو هئو جو ڪوڙو خواب بيان ڪرڻ واري وٽ ٻار جي ولادت ٿي پر انهي جي گهرواريءَ مري وئي ۽ ٻار زنده رهيو.

(تاريخ دمشق ج 53 ص 232 بتغير قليل)

# 5 ڪوڙي جون ڄاڙون چير جي رهيون هئيون

مٺا مٺا مَدَني مُنّو ۽ مدني منيو! ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙو خواب بيان ڪرڻ گناهہ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، مرڻ کان پوءِ ڪوڙي کي نهايت خراب عذاب ٿيندو. فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: خواب ۾ هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ چيائين: هلو! مان ان سان گڏ هَليس، مون ٻہ ماڻهو ڏٺا، انهن مان هڪ بيٺو ۽ ٻيو ويٺو هو، بيٺل شخص جي هٿ ۾ لوهہ جو زنبور[1] هو جنهن کي اهو ويٺل شخص جي هڪ ڄاڙي ۾ وجهي ان کي ڪياڙيءَ تائين چيري ڇڏيندو، پوءِ زنبور

[1] يعني لوهہ جي سيخ جنهن جو هڪ پاسو مُڙيل هوندو آهي.

ڪڏهن ٻي جاڙي ۾ وجهي ان کي چيريندو هو، ايتري ۾ پهرين واري جاڙي پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندي هئي، مون آڻڻ واري شخص کان پڇيو اهو ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو: اهو ڪوڙو شخص آهي ان کي قيامت تائين قبر ۾ اهو ئي عذاب ڏنو ويندو.

(مساوي الخلاق للخرائطي ص 76 حديث 131)

لڳايو ڪوڙ جي خلاف نعرو:

ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نه ڪوڙ ڳالهائيندا سين نه ڳالهرائيندا سين!

اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# 6 سچو ٻڪرار

حضرت نافع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا پنهنجي ڪجھ ساٿين سان گڏ هڪ سفر ۾ هئا، واٽ تي هڪ جڳهه تي ترسيا ۽ کائڻ جي لاءِ دسترخوان وڇايو ويو، ايتري ۾ هڪ ٻڪرار (يعني ٻڪريون چارڻ وارو) اتي آيو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو اچو! دسترخوان مان ڪجھ کائو، عرض ڪيائين: منهنجو روزو آهي، حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جن فرمايو: ڇا توهان انهيءَ سخت گرمي جي ڏينهن ۾ (نفل) روزو رکيو آهي ۽ توهان ته جبل تي ٻڪريون به چاري رهيا آهيو، ان چيو: الله جو قسم! مان اهو انهيءِ لاءِ ڪري رهيو آهيان جو زندگي جي

گذريل ڏينهن جي تلافي (يعني بدلو ادا) ڪري وٺان، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن ان جي پرهيزگاري جو امتحان وٺڻ جي ارادي سان فرمايائون: ڇا توهان پنهنجي ٻڪرين مان اسان کي هڪ ٻڪري وڪڻندؤ؟ ان جي قيمت ۽ گوشت توهان کي بہ ڏينداسين تہ جيئن توهان انهي سان روزو افطار پڻ ڪري سگهو، ان جواب ڏنو: اهي ٻڪريون منهنجيون نہ آهن، منهنجي مالڪ جون آهن، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن ان کي آزمائڻ جي لاءِ فرمايو: مالڪ کي ڇئجو تہ انهن مان هڪ بگهڙ (Wolf) کڻي ويو، غلام چيو: تہ پوءِ اللّٰه ڪٿي آهي؟ (يعني اللّٰه تہ ڏسي رهيو آهي، اهو حقيقت کي ڄاڻي ٿو ۽ انهيءَ سبب منهنجي پڪڙ ڪندو) جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مديني واپس موٽيا تہ ان

جي مالڪ کان غلام ۽ سموريون ٻڪريون خريد ڪيون پوءِ ٻڪرار کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ ٻڪريون بہ ان کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيون.

(شعب الايمان ج 4 ص 329 حديث 5291 ملخصًا)

الحمدلله سچ ڳالهائڻ سان دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ عزت ملندي آهي، هميشہ سچ ڳالهايو، ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو.

لڳايو ڪوڙ جي خلاف نعرو:

ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نہ ڪوڙ ڳالهائينداسين نہ ڳالهرائينداسين!

اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# (7) سچ ڳالهائڻ سان جان بچي ويئي

حَجّاج بِن يُوسُف هڪڙي ڏينهن ڪجهه قيدين کي قتل ڪرائي رهيو هو، هڪ قيدي اُٿي ڪري چوڻ لڳو: اي امير! منهنجو توتي هڪڙو حق آهي. حجاج پڇيو: اُهو ڪهڙو؟ چوڻ لڳو: هڪ ڏينهن فُلان شخص توکي بُرو ڀلو چئي رهيو هو ته مون تنهنجو دِفاع (يعني بچاءُ) ڪيو هو. حجاج چيائين: ان جو گواهه ڪير آهي؟ اُن شخص چيو: آئون الله تعالٰي جو واسطو ڏئي ڪري چوان ٿو ته جنهن اها ڳالهه ٻولهه ٻُڌي هئي اُهو گواهي ڏي، هڪ ٻئي قيديءَ اُٿي ڪري چيو: ها اِهو واقعو منهنجي سامهون پيش آيو هو، حجاج چيو: پهرين قيدي کي آزاد ڪري ڇڏيو، پوءِ گواهي ڏيڻ واري

ڪان پڇيو: توکي ڪهڙي رڪاوٽ هئي جو تو اُن قيدي وانگر منهنجو دفاع (يعني بچاءُ) نہ ڪيو؟ اُن سچائي ڪان ڪم وٺندي چيو: رڪاوٽ اِها هئي جو منهنجي دل ۾ تنهنجي پراڻي دشمني هئي، حجاج چيو: هِن کي بہ آزاد ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ هِن وڏي همت سان سچ ڳالهايو آهي.

(وفيات الاعيان لابن خلكان ج 1 ص 211 ملخصاً)

سچ ڳالهائڻ وارو هميشہ ڪامياب ٿيندو آهي ڇو تہ ”سانچ کو آنچ نہیں“ يعني سچ ڳالهائڻ واري کي ڪو خطرو ناهي.

لڳايو ڪُوڙ جي خلاف نعرو:

ڪوڙ جي خلافِ اعلانِ جنگ آهي!

نہ ڪوڙ ڳالهائيندا سين نہ ڳالهرائيندا سين!

اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪوڙ ۾ ڪا ڀلائي ناهي. (مُؤطّا امام مالڪ ج 2 ص 467 حديث 1909)

ڪُوڙ جي معنٰي آهي: ”سچ جو اُبتڙ“.

## ”ڪوڙ ڳالهائڻ خدا کي ناپسند آهي“ جي نسبت سان ٻارن جي ڪُوڙ ڳالهائڻ جون 24 مثالون

سٺا ٻار هميشه سچ ڳالهائيندا آهن، گندا ٻار ئي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، گندن ٻارن جي ڪوڙ ڳالهائڻ جون 24 مثالون پيش ڪجن ٿيون:

﴿1﴾ هُن نہ گار ڏني نہ ئي ماريو پر پوءِ بہ چوڻ: تہ هُن مون کي گار ڏني آهي ﴿2﴾ هن مون کي ماريو آهي ﴿3﴾ مون تہ هُن کي ڪجھ بہ ناهي چيو (جڏهن تہ ”چيو“ هوندو آهي) ﴿4﴾ هن منهنجو رانديڪو ٽوڙي ڇڏيو (جڏهن تہ هن ناهي ٽوڙيو هوندو) ﴿5﴾

بک هئڻ باوجود من پسند شيء نہ ملڻ سبب چوڻ ”مون کي بک ناهي“ ﴿6﴾ کير پيئڻ تي دل نٿي چاهي انهي ڪري واش روم وغيره ۾ هاري خالي گلاس ڏيکاري ڪري چوڻ ”مون کير پي ڇڏيو آهي“ ﴿7﴾ نہ ڪرڻ جي باوجود چوڻ ”مون هوم ورڪ ڪري ورتو آهي يا سبق ياد ڪري ورتو آهي“ ﴿8﴾ ننڍي ڀاءُ وغيره جي اريزر (مٽائڻ واري ربڙ) تي قبضو ڪري چوڻ تہ ”هي اريزر منهنجو آهي“ ﴿9﴾ ياد هئڻ جي باوجود چوڻ ”مون تہ بستري ۾ پيشاب ناهي ڪيو“ ﴿10﴾ سمهڻ دوران پيشاب ڪندڙ ٻار کي جيڪڏهن پيشاب لاءِ چيو ويو تہ پيشاب نہ بہ ڪيو هو تڏهن بہ چوڻ: ”آئون پيشاب ڪري چڪو آهيان“ ﴿11﴾ مون فرج مان

شيءِ ناهي ڪاڙي (جڏهن تہ ڪاڙي هئي) ﴿12﴾ هن مون کي ڏِکو ڏنو هو (جڏهن تہ پاڻ ٿاڀو ڪائي ڪِريو هوندو آهي) ﴿13﴾ پيشاب جو خيال نہ هئڻ يا معمولي خيال هئڻ جي باوجود درجي ۾ قاري صاحب يا استاذ کي چوڻ تہ ”مون کي زور سان پيشاب لڳو آهي: واش روم وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيو“ ﴿14﴾ پاڻ گوڙ ڪرڻ جي باوجود چوڻ: آئون تہ گوڙ نہ ڪري رهيو هئس ﴿15﴾ ڪالهہ بخار جي ڪري هوم ورڪ نہ ڪري سگهيس (جڏهن تہ بخار نہ هو) ﴿16﴾ آئون پنهنجي پينسِل گهر، اسڪول يا وين ۾ پلجي آيو آهيان (جڏهن تہ خبر هوندي آهي تہ اسڪول يا دارالمدينه ۾ گم ٿي وئي آهي) ﴿17﴾ رات بجلي هلي وئي

هئي ان ڪري سبق ياد نہ ڪري سگهيو آهيان (جڏهن تہ ياد نہ ڪرڻ جو سبب سستي يا راند روند يا پيو ڪجهہ هو) ﴿18﴾ فلان ٻار شرارت ڪئي آهي آئون تہ تمام آرام سان وينو هئس (جڏهن تہ پاڻ بہ شرارت ۾ شامل هو) ﴿19﴾ هن منهنجي پينسِل ٽوڙي ڇڏي آهي (جڏهن تہ پنهنجي ئي هٿ سان ٽُٽي هوندي) ﴿20﴾ هي ڪوڙ پيو ڳالهائي (جڏهن تہ خبر آهي تہ هي سچو آهي) ﴿21﴾ منهنجي ڪيسي مان پئسا ڪٿي ڪري پيا آهن يا چوڻ تہ "ڪنهن ٻار منهنجا پئسا چوري ڪيا آهن" (جڏهن تہ پئسن مان شيءِ وٺي مزي سان کائي ورتي هئي) ﴿22﴾ پنهنجي مس سان ڪپڙا خراب ٿي

ويا پر چڙٻ ملڻ تي چوڻ ”هڪ ٻار منهنجي ڪپڙن تي مس هاري هئي“ ﴿23﴾ سور نہ هئڻ جي باوجود استاد کي چوڻ مون کي پيٽ ۾ سور ٿي رهيو آهي مون کي موڪل ڏيئي ڇڏيو" ﴿24﴾ معمولي ڪنگھ يا هلڪو بخار هئڻ جي باوجود ماءُ يا پيءُ جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ اُن جي سامهون ڄاڻي واڻي زور زور سان ڪنگھڻ يا انهن جي سامهون ان لاءِ ڪنجهڪار ڪرڻ آ... او... جي آواز ڪڍڻ تہ جئين اُهي سمجهن تہ طبعيت واقعي ئي تمام خراب آهي

”اهو عضون جو ڪوڙ آهي، ننڍا وڏا سيئي اهڙي طرح جي ڪوڙ کان بچن“

# ٻارن وڏن سيني لاءِ فائديمند مدني گل

۞ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي پاڪائي کي پسند فرمائي ٿو، هُو پاڪيزه آهي پاڪيزگي کي پسند فرمائي ٿو.

(ترمذي ج 4 ص 365 حديث 2808)

حڪيم الأُمت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: ظاهري پاڪائي کي طهارت چون ٿا ۽ باطني پاڪائي کي "طِيِّب" ۽ ظاهري باطني ٻنهي پاڪاين کي نظافت چيو وڃي ٿو، يعني الله تعالٰي ٻانهي جي ظاهري باطني پاڪائي کي پسند فرمائي ٿو، ٻانهي کي گهرجي تہ هر طرح سان پاڪ رهي، جسم، نفس، روح، لباس، بدن، اخلاق مطلب تہ هر

شيءِ کي پاڪ رکي، صاف رکي، قول، افعال، احوال، عقيدا سڀ درست رکي اللّٰه تعالٰي اهڙي نظافت نصيب فرمائي. (مراۃ المناجيح ج 6 ص 192) ۞ ڏندن سان ننهن نہ ڪٽيو جو مڪروهہ (تنزيهي) آهي ۽ انهيءَ سان بَرَص (يعني جسم تي سفيد داغ) جي مرض جو انديشو آهي. (عالمگيري ج 5 ص 358) ۞ حمام يا بيسن (واش) وغيره تي ڄاڙي ڪري پاڻي ۾ اهڙي طرح صابڻ رکي ڇڏڻ جو ڳري ڪري ضايع ٿي رهيو هجي هي اسراف حرام ۽ گناهہ آهي.

۞ استنجا خاني ۾ جيڪو ڪجهه نڪري انهي کي وهائي ڇڏيو، پيشاب ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن هر ماڻهو هڪ لوٽو (ڪرو) ۽ پاخانو ڪرڻ کانپوءِ حسبِ ضرورت پاڻي وهائي ڇڏي تہ اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

بدبو ۽ جراثيمن جي واڌ ويجهه ۾ گهٽتائي ايندي، جتي هڪ اڌ ڪرو پاڻي ڪافي هجي اُتي پوري فلش ٽانڪي جو پاڻي نہ وهايو وڃي. چو تہ اُهو گهٽڻ ڪرن تي مشتمل هوندو آهي ۞ جتي COMMODE "ڪموڊ ڪرسيءَ جهڙي جاءِ استنجا" هجي اُتي ويجهو ئي هڪ ٽوال لٽڪائي ڇڏجي يا ڪموڊ جي فلش تي رکجي هر هڪ کي کپي تہ استعمال ڪرڻ کانپوءِ اُن ٽوال سان ڪموڊ جا ڪنارا چڱي طرح سڪائي ڇڏي. اهڙي طرح ٻين کي بہ ڪموڊ استعمال ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي ۞ استنجا خاني جي در ۽ ديوار تي ڪجهہ نہ لکو، جيڪڏهن پهرين کان ڪجهہ لکيل هجي تہ ان کي بہ نہ پڙهو ۞ هٿ منهن ڌوئڻ، ٿانو، ڪپڙا، گاڏي،

استنجاءِ وضو ۽ غسل وغيره ۾ ضرورت کان وڌيڪ پاڻي خرچ نہ ڪريو ۞ بين جي سامهون پڙدي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين جي ذريعي بدن جو مير ڪڍڻ، گهڙي گهڙي نڪ کي ڇُهڻ يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪندي رهڻ سٺي ڳالهہ نہ آهي، ان سان بين کي گهن (يعني نفرت) پيدا ٿيندي۞ باهر استعمال ٿيل جُتي پائي ڪري استنجا خاني ۾ وڃڻ کان بچڻ مناسب آهي، ڇو تہ ان سان فرش خراب ٿي ويندو آهي ۞ گهر جي استنجا خاني لاءِ چپلن جون بہ جوڙيون (هڪ زنانہ ۽ هڪ مردانہ) مخصوص ڪري ڇڏيو. مسئلو: عورت جي لاءِ مردانہ ۽ مرد جي لاءِ زنانہ چپل يا جُتي استعمال ڪرڻ گناهہ آهي ۞ ماني کائڻ وقت

بي پردگي کان بچڻ لاءِ ڪپڙا اهڙي طرح سنڀاليو
جو اُن تي ٻوڙ وغيره نہ ڪري ۞ بعض ٻارن کي
آڱوٺو چوسڻ جي عادت هوندي آهي ۞ اها سٺي
ڳالهہ نہ آهي، ڇو تہ اهڙي طرح آڱوٺي ۾ نُنهَن جو
مير ٻار جي پيٽ ۾ وڃي ڪري بيمارين جو سبب
ٿي سگهي ٿو ۞ هٿ تي تيل يا سٽيپ هڻڻ جي
صورت ۾ ديوار يا پڙدي يا بستري جي چادر تي
هٿ نہ مهٽيو نہ ئي اُگهو اهي شيون بہ خراب ٿي
وينديون آهن ۞ بنا ضرورت قميص جي ٻانهن
سان پگهر صاف نہ ڪريو ان سان ٻانهن خراب
ٿيندي آهي ۽ ڏسڻ وارن تي سٺو اثر نٿو پوي.
پنهنجي ڦٽي، دستر خوان وغيره هفتي ۾ هڪ
دفعو ڇڱي طرح ڌوئڻ گهرجي. جئين تہ اُن جو

مير وغيره نڪري وڃي ۞ جڏهن ٻہ مٿي تي تيل
لڳايو تہ سربند جي سنت تي عمل ڪريو ان مان
هڪ فائدو هي ٻہ ٿيندو تہ ٽوپي ۽ عمامو گهٽي
حد تائين تيل جي آلودگيءَ کان بچي رهندو ۞
بعض اسلامي ڀائر ڏاڙهيءَ جا وار گهڙي گهڙي
وات ۾ وجهندا رهندا آهن جنهن سان وارن ۾
بدبو پيدا ٿي سگهي ٿي ائين ڪرڻ سان وارن ۾
موجود جراثيم پيٽ ۾ وڃي سگهن ٿا ۞ ڳالهائڻ
۾ ٿُڪَ نڪرڻ يا ڪاڏي جا ذرا لڳڻ ڪري هيٺين
چپ جي ويجهن وارن ۾ بدبو ٿيڻ ممڪن رهي
ٿو، تنهنڪري ڏاڙهي جو احترام ڪرڻ جي نيت
سان هڪ دفعو صابڻ سان ڏاڙهيءَ ڌوئڻ مُفيد آهي
۞ بنا مجبوري قميص جي پلؤ سان نڪ صاف

ڪرڻ کان بچو، اِن ڪم جي لاءِ رومال استعمال ڪرڻ گهرجي ۞ ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ ٿانو کي چڱي طرح صاف ڪرڻ گهرجي ۽ ٿال يا پليٽ جي پاسي ۾ ڪريل داڻا وغيره کڻي صاف ڪري کائڻ گهرجن، حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن آڱرين ۽ ٿانو کي چٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايائون: توهان کي خبر نہ آهي تہ ڪاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي. (مسلم ص 1122 حديث 2033)

۞ جڏهن بہ ڪاڌو يا ڪا غذا کائو خلال جي عادت بنائڻ گهرجي ڪاڌي کان پوءِ ننهن سان خلال ڪرڻ مُناسب نہ آهي. بهتر اهو آهي تہ خلال (ڏند کوٽڻي جي ڪاٺيءَ جي هجي چو تہ ان جي سختي

سان وات جي صفائي ٿيندي آهي ۽ اهو مهارن (مالهين) لاءِ فائدي مند هوندي آهي گهڻو ڪري بازاري ”ٽوٿ پِڪس“ ٿُلهي ۽ ڪمزور هوندي آهي. ناريل جي غير مستعمل ٻهاري جي هڪ تيلي يا ڪجي جي تڏي جي هڪ پٽي مان بليڊ جي ذريعي گهڻا مضبوط خِلال تيار ڪري سگهجن ٿا. بعض اوقات وات جي پاسي وارن ڏندن ۾ خال هوندو آهي ۽ ان ۾ ٻوٽي وغيره جو ريشو ڦاسي پوندو آهي جيڪو ڪوٽڻ وغيره سان نٽو نڪري سگهي ان طرح جي ريشي کي ڪڍڻ لاءِ ميڊيڪل اسٽور تي مخصوص طرح جا ڌاڳا ”فلوسرس“ ملن ٿا. نيز آپريشن جي سامان جي دُڪان تي ڏندن جي اِسٽيل جي پن ڪوٽڻ واري (Curved sickle scaler) ٻہ

ملندي آهي پر ان شين جي استعمال جو طريقو سکڻ تمام ضروري آهي نہ تہ مهارون زخمي ٿي سگهن ٿيون ۞ ڪجھ ماڻهن کي جڳھ جڳھ تي ٿڪڻ جي عادت هوندي آهي جيڪا ٻين لاءِ نا پسنديده هوندي آهي ۽ رستي هلندي ڪنهن ڪندن پاسن ۾ پان ٿُڪڻ تہ تمام بري ڳالھ آهي.

## بابا سوٽ نہ پارايو

پنهنجي ٻارن کي بابا سوٽ نہ پارايو جنهن تي انسان يا جانور جي تصوير ٺهيل هجي.

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو ۽ گهڻو ثواب ڪمايو.

# فهرست


| عنوان | نمبر | عنوان | نمبر |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | 4 ڪوڙو خواب ٻڌائڻ جو | 10 |
| 1 ڪوڙو چور | 2 | 5 ڪوڙي جون چاڙون | 12 |
| چورڪي ٻه نانگ پٽي | 4 | 6 سچو ٻڪرار | 14 |
| 2 ٽيڏي لٺ وارو ڪوڙو چور | 5 | (7) سچ ڳالهائڻ سان جان | 17 |
| 3 ڪوڙ ڳالهائڻ وارن جا | 7 | ڪُوڙ ڳالهائڻ جون 24 | 19 |
| ڪوڙو دوزخ ۾ ڪتي جي | 8 | ٻارن وڏن سڀني لاءِ | 24 |


## مآخذ ومراجع


| ڪتاب | ملڻ جو هنڌ | ڪتاب | ملڻ جو هنڌ |
|---|---|---|---|
| تفسير طبري | دارالڪتب العلميه بيروت | مرأة المنا جيح | ضياء القرآن پبلي ڪيشنز<br>مرڪز الاولياء لاهور |
| تفسير خزائن العرفان | مڪتبته المدينه بب المدينه ڪراچي | عالمگيري | دارالفڪر بيروت |
| ترمذي | دارالفڪر بيروت | وفيات الا عيان | دارالڪتب العلميته بيروت |
| موطا امام مالڪ | دارالمعرفته بيروت | تاريخ دمشق | دارلفڪر بيروت |
| شعب الايمان | دارالڪتب العلميه بيروت | اخبار مڪته | دار خضر بيروت |
| مساوي الاخلاق | دارالڪتب العلميه بيروت | تنبيه المغترين | دارلمعرفته بيروت |
| جمع الجوامع | دارالڪتب العلميه بيروت | شرح الصدور | مرڪز اهلسنت برڪت رضا الهند |
| اشعته اللمعات | ڪوئٹه | سعادته الدارين | دارالعلميته بيروت |

